SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVIII مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXXVIII OF 2002

سنڌ هاري جي حيثيت (پي ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH TENANCY (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. دفعہ 25 جي شموليت
Insertion of section 25

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVIII مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XXXVIII OF 2002
سنڌ هاري جي حيثيت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH TENANCY (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[12 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ هاري جي حيثيت ايڪٽ، 1950 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ هاري جي حيثيت ايڪٽ، 1950 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ هاري جي حيثيت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

دفعہ 25 جي شموليت

Insertion of section 25

2. سنڌ هاري جي حيثيت ايڪٽ ۾ دفعہ 24 کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

قرض جي حوالي سان عام گنجائشون.

"25. جيڪڏهن ڪجهہ متضاد نہ هجي:

(a) حاصل ڪيل بيانو (پيشگي) يا مقاطيعدار/هاري يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رکن طرفان حاصل ڪيل قرض؛

(b) مقاطيعدار/هاري يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رکن طرفان حاصل ڪيل اقتصادي ترجيحون؛ يا

(c) زميندار ۽ مقاطيعدار وچ ۾ معاهدو؛ يا

(d) مقاطيعدار/هاري يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رکن خلاف ٻي دعويٰ يا مطالبو؛

ڪوبہ زميندار نہ ڪري سگهندو:

(i) مقاطيعدار/هاري کان بٽائي تي زرعي پيداوار مان ڪا اوڳاڙي نہ ڪندو يا هاري جي ڪنهن ٻي ملڪيت مان اوڳاڙي نہ ڪندو سواءِ (a) جي جنهن تحت سنڌ ٽيڪننسي رولز ۾ بيان ڪيل تصديق ٿيل معاهدي موجب هاري کو قرض اڳواٽ ورتو هجي، ۽ (b) خرچ هن ايڪٽ تحت هاري طرفان برداشت ڪيو ويندو بشرطيڪ ان سلسلي ۾ تڪرارن تي هن ايڪٽ تحت ٽربيونل طرفان ٻڌايل فيصلو حتمي هوندو ۽ هاريءَ ڏانهن ان حصي جي ادائگي، جيڪو حصو تڪرار ۾ نہ آهي، ان جي ادائگي طور تڪرار سبب

ڪٽوتي نہ ڪئي ويندي.

(ii) هاري يا ان جي ڪٽنب جي ڪنهن رکن کي طلب مفت ۾ پورهيو وٺڻ يا انهن جي خواهش جي خلاف پورهيو وٺڻ تہ جيئن زميندار جو فائدو ٿئي طلب نہ ڪندو. يا

(iii) دائري جي حدن کان ٻاهر هاري يا ان جي ڪٽنب جي ڪنهن ميمبر کي نہ روڪيندو. يا

(iv) هاري يا ان جي ڪٽنب جي ڪنهن ميمبر تي ٻئي پاسي ڪم حاصل ڪرڻ ۾ ڪا رندڪ نہ وجهندو.

(v) روڪ ادائگي يا ٻئي ڪنهن معاوضي تي هاري يا هاريءَ جي ڪٽنب جي ڪنهن رکن کي ڪنهن ٻئي زميندار يا ٻئي شخص ڏانهن مستقل طور يا عارضي طور منتقل نہ ڪري سگهندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي